# سنت جي محبت آهي،

# هيءَ دعوتِ اسلامي

**27-Aug- 2026**

(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان



27 آگسٽ 2026ع (بمطابق: 13 ربيع الاول شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سنت جي محبت آهي، هيءَ دعوتِ اسلامي

(سنت تي عمل ڪرڻ جون فضيلتون ۽ دعوتِ اسلامي جو سنتن کي ڦهلائڻ ۾ ڪردار جي متعلق بيان)

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ…

✿… اطاعتِ حبيب جون برڪتون

✿… سنا اخلاق هئڻ بہ سنت آهي

✿… سنت تي عمل جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي

✿… اميرِ اهلسنت ۽ اتباعِ رسول

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ط

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَاف (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود پاڪ جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ فِيْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ اَلْفَ مَرَّةٍ، لَمْ يَمُتْ حَتّٰى يَرٰى مَقْعَدَهٗ مِنَ الْجَنَّةِ

**ترجمو:** جيڪو مون تي جمعي جي ڏينهن هڪ هزار ڀيرا درود پاڪ پڙهندو، اُهو ان وقت تائين نہ مرندو جيستائين جنت ۾ پنهنجي جاءِ نہ ڏسي وٺي.(1)

نبی کی شان میں ہو جِس قدر درود پڑھو | مُحِبّو! پاؤ گے جنّت میں گھر، درود پڑھو
ہزار دَرد کو یہ ایک دَوَا کفایت ہے | جو پیش آئے ذرا بھی خَطَرہ درود پڑھو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(2)

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي،

---

1...افضل الصلوات للنبہانی، صفحہ:25۔

2...بخاری، كِتَاب بَدءُ الْوَحي، صفحہ:65، حديث:1۔

اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اطاعتِ حبيب جون برڪتون

حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه تابعي بزرگ ٿي گذريا آهن. پاڻ حضرت سلمان فارسي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي صحبت ۾ رهيا. حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ٻڪريون پالي رکيون هيون، انهن کي ڪاهي درياءِ فرات جي ڪناري تي تشريف کڻي ويندا هئا ۽ اتي ئي الله پاڪ جي عبادت ڪندا هئا. داتا حضور رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي مشهور ڪتاب ڪَشْفُ الْمَحْجُوب ۾ لکن ٿا: هڪ ڏينهن هڪ شخص درياءِ فرات جي پرسان گذريو تہ هُن ڏٺو تہ حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه نماز پڙهي رهيا آهن ۽ هڪ بگهڙ ٻڪرين جي نگهباني ڪري رهيو آهي. اِهو ڏسي هن شخص کي وڏو تعجب ٿيو ۽ هُو حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه سان ملاقات ڪرڻ لاءِ اُتي ترسي پيو. جڏهن پاڻ نماز مڪمل فرمايائون تہ اُن سلام عرض ڪيو، پاڻ سندس سلام جو جواب ڏنائون. ان شخص عرض ڪيو: عاليجاهـ! اوهان جي ٻڪرين سان بگهڙ کي اهڙي محبت آهي جو هُو انهن جي حفاظت ڪري رهيو هو؟ فرمايائون: ان جو سبب هي آهي تہ ٻڪرين جو مالڪ الله پاڪ سان محبت ڪندو آهي (يعني مان الله پاڪ سان محبت ڪندو آهيان، تنهنڪري مون سان ۽ منهنجين شين سان جانور بہ محبت ڪندا آهن). پوءِ حضرت حبيب راعي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪاٺ جو هڪ پيالو پٿر جي هيٺان رکيو، فوراً ان پٿر مان کير ۽ ماکيءَ جا بہ چشما جاري ٿي پيا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه کير ۽ ماکيءَ سان ڀريل پيالو ان شخص کي ڏنو. هي ڏسي اهو شخص حيران ٿي ويو ۽ چيائين: عاليجاهـ! اوهان هي مقام ڪيئن حاصل ڪيو آهي؟ فرمايائون:

سيدِ عالم، نورِ مجسم صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اطاعت ۽ فرمانبرداريءَ جي ذريعي. [1]

کی محمّد سے وفا تُو نے تو ہم تیرے ہیں | یہ جہاں چیز ہے کیا؟ لوح و قلم تیرے ہیں [2]

وضاحت: يعني اي مسلمان! جيڪڏهن تون حقيقي معنيٰ ۾ الله پاڪ جي محبوب، مکي مدني رسول صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان وفاداري، محبت ۽ پاڻ سڳورن صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پيروي اختيار ڪري وٺين، ته توکي نه صرف دنيا جي ڪاميابي، بلڪ آخرت جي سرخروئي پڻ نصيب ٿي ويندي.

## محبوب بڻائڻ وارا نبي صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اهڙو ته شان عطا فرمايو آهي جو اُهي پاڻ ته پاڻ آهن، پر جيڪو بانهو سچي دل سان سندن ادائن جو نقل ڪندو آهي، يعني ۞ پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيئن ويهندا هئا، تيئن ويهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۞ جيئن هلندا هئا، تيئن هلڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۞ جيئن ڪائيندا هئا، تيئن ڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۞ جيئن پيئندا هئا، ايئن پيئڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۞ جيئن سمهندا هئا، ايئن سمهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي ۞ جيئن پائيندا هئا، تيئن پائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي، مطلب ته پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي دل ۽ جانِ سان اختيار ڪري وٺندو آهي ته الله پاڪ ان کي به پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي. قرآن ڪريم ۾ ارشاد ٿيو آهي:

| | |
|---|---|
| قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِیْ یُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ (پارو: 3، سورة آلِ عمران: 31) | ترجمو ڪنزالعرفان: اي حبيب! اوهان فرمايو ته اي انسانو! جيڪڏهن توهان الله سان محبت ڪيو ٿا ته منهنجا فرمانبردار |

[1]…ڪَشْفُ الْمَحْجُوْب، طبقہ:تبع تابعین، حبیب بن اسلم راعی، صفحہ:140، ماخوذاً۔

[2]…کلیات اقبال، بانگ درا،237۔

بڻجي وجو الله توهان سان محبت
كندو.

معلوم ٿيو تہ جيكو محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سُنتن تي كندو آهي، الله پاڪ ان كي پنهنجو محبوب بڻائي ڇڏيندو آهي.

اللہ کا محبُوب بنے جو تمھیں چاہے
اس کا تو بیاں ہی نہیں کچھ تم جسے چاہو (1)

وضاحت : يا رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جيكو اوهان سان محبت كندو آهي، اهو ان محبت جي كري الله پاڪ جو محبوب بڻجي ويندو آهي، هاڻي جنهن كي اوهان پنهنجو محبوب بڻائي ونو، ان جي شان ۽ مرتبي جو اندازو كير تو لڳائي سگهي! فضيلت جو معيار سنتِ نبوي آهي.

## فضيلت جو معيار سُنَّتِ نبوي آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان ڏسو! هن دنيا ۾ انبياءِ كرام عليهمُ السَّلام كان پوءِ سڀ كان افضل ۽ اعليٰ انسان مسلمانن جا پهريان خليفا، حضرت ابوبكر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ آهن. پاڻ سڀني كان افضل بشر آهن، آخر ان جو كهڙو سبب آهي...؟ كين سڀ كان مٿانهون مرتبو ڇو عطا كيو ويو...؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا (جنهن جو خلاصو هي آهي): الله پاڪ جي رضا سڀ كان پهريان رسول ڏانهن توجهہ فرمائيندي آهي، پوءِ جيكو شخص رسول جو فرمانبردار هوندو آهي، رسول جي واسطي سان اها رضا ان كي نصيب ٿيندي آهي. تنهنكري جيكو رسول جو سڀ كان وڌيڪ فرمانبردار هوندو آهي، افعالن ۾، كردار ۾، اخلاق ۽ عادتن ۾ جيكو سڀ كان وڌيڪ رسول جي اتباع كندو آهي، ان كي الله پاڪ جي رضا سڀ كان وڌيڪ ملندي آهي. جيئن تہ حضرت ابوبكر صديق رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ نبين جي نبي، رسولِ هاشمي، محمّدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سڀ كان وڌيڪ مشابهت اختيار كرڻ وارا آهن، تنهنكري

[1]...ذوقِ نعت، صفحہ:206۔

حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ايترو بلند رتبو مليو جو پاڻ نبين ۽ رسولن کان پوءِ سمورن انسانن ۾ سڀ کان افضل قرار ڏنا ويا.(1)

| | |
|---|---|
| خدائے پاک کی رحمت سے انسانوں میں ہر اک سے | فزوں تر بعد از کلِ انبیا صدیقِ اکبر ہیں(2) |

معلوم ٿيو ته فضيلت جو معيار سنتِ نبوي آهي. جيڪو جيترو وڌيڪ سنتن تي عمل ڪندو آهي، پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان جيتري وڌيڪ مشابهت اختيار ڪندو آهي، اهو اوترو ئي وڌيڪ فضيلت وارو، اوترو ئي وڌيڪ بارگاهِ الٰهي ۾ مقرب ٿيندو ويندو آهي.

## سنت ۾ عظمت آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمايو:

| | |
|---|---|
| لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِیْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ (پارو: 21، سورة احزاب: 21) | ترجمو ڪنز العرفان: بيشڪ توهان جي لاءِ الله جي رسول ۾ بهترين نمونو موجود آهي. |

سُبْحٰنَ الله! منهنجي لاءِ، اوهان جي لاءِ، اسان سيني جي لاءِ بهترين نمونو ڪير آهن؟ اسان جا آقا ۽ مولا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم...!! اسان ڪي پيروي ڪنهن جي ڪرڻي آهي؟ ۞ فلمي اداڪارن (*Actors*) جي نه ۞ رانديگرن (*Players*) جي نه ۞ سوشل ميڊيا تي مشهور شخصيتن جي نه ۞ نئين نئين فيشن (*Fashion*) جي نه، پر پيروي ڪنداسين ته پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي، اُهي حسين ۽ جميل آقا، اُهي پيارا پيارا آقا، اُهي من کي موهيندڙ آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، جيڪي ايترا ته پيارا آهن، ايترا ته پيارا آهن، ايترا ته پيارا آهن جو سيني جهانن جو خالق ۽ مالڪ، الله ربُّ العزت به

---

1 ...مَطْلَعُ الْقَمَرَين، صفحه:248ماخوذاً.

2 ...وسائلِ بخشش، صفحه:566.

انهن سان محبت فرمائي ٿو.

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ لکن ٿا:

جِس کا حُسن اللہ کو بھی بھا گیا | ایسے پیارے سے محبّت کیجیے (1)

**وضاحت:** جنهن پياري محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو حسن الله پاڪ کي به پسند اچي ويو آهي، اهڙي محبوب سان اسان کي به محبت ڪرڻ گهرجي.

## سنت سان محبت جون فضيلتون

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ۽ ان کي مضبوطيءَ سان پڪڙيو، ان کي حَظِيْرَةُ الْقُدس (يعني جنت) ۾ مون سان گڏ اتاريو ويندو.[2]

## پُٽَ دل صاف رک...!!

هڪ حديث پاڪ ۾ آهي: رسولِ اڪرم، شاهِ بني آدم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کي ارشاد فرمايو: پٽ! ٿي سگهي ته پنهنجو صبح ۽ شام ان حالت ۾ ڪر جو تنهنجي دل ۾ ڪنهن جي لاءِ ڪِينو نه هجي. پوءِ فرمايائون: ذٰلِكَ مِنْ سُنَّتِيْ يعني هيءَ منهنجي سنت آهي، وَمَنْ اَحْيَا سُنَّتِيْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ، وَمَنْ اَحَبَّنِیْ كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ يعني جنهن منهنجي سنت کي زنده ڪيو، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (3)

## سڀا اخلاق هئڻ به سنت آهي

مشهور مفسرِ قرآن، مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَیْہ هن فرمانِ مصطفيٰ: **تنهنجي دل ۾ ڪنهن جو ڪينو نه هجي**، جي وضاحت ڪندي فرمائن

---

[1]...وسائلِ بخشش، صفحه:195۔
[2] مسند فردوس، جلد:4، صفحه:424، حديث:7235۔
[3]...مشكوة المصابيح، كتاب الايمان، باب الاعتصام ...الخ، فصل الثانی، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔

ٿا: يعني مسلمان ڀاءُ جي طرفان دنياوي معاملن ۾ صاف دل هجي، سندس سينو ڪيني کان پاڪ هجي، تڏهن ئي ان ۾ مديني جا انوار داخل ٿيندا. ڏنڌلو آئينو ۽ ميري دل عزت جي لائق نہ آهن. **وڌيڪ فرمائن ٿا:** جيئن عملن ۾ سنتن جي پابندي ڪرڻ باعثِ ثواب آهي، تيئن ئي دل صاف رکڻ ۽ سٺا اخلاق هجڻ بہ سنت آهي، جنهن سان قربِ رسول الله حاصل ٿيندو. افسوس! جو گهڻا ماڻهو هتي مارَ کائي ويندا آهن، انهن جي دعويٰ تہ اتباعِ سنت جي هوندي آهي، پر سندن سينو ڪيني سان ڀريل هوندو آهي. الله پاڪ هن سنت تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.(1)

## تنهنجو ديدا ڳجکر ٿئي خيرَ سان

پيارا اسلامي ڀائرو! هنن روايتن مان معلوم ٿيو تہ جيڪو سنتون سکي ۽ انهن تي عمل ڪري، ان کي جنت ۾ محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي ويندو. سُبْحٰنَ الله! ڪيڏي نہ وڏي نعمت آهي. يقيناً جنت ملي وڃڻ بہ ڪا گهٽ نعمت نہ آهي ۽ جنت ۾ نبين جي سردار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پاڙو نصيب ٿي وڃڻ ...!! واہ! هن نعمت جي تہ ڳالهہ ئي ٻي آهي؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

جنّت نہ دیں، نہ دیں تِری رُویَت ہو خیر سے
اِس گُل کے آگے کِس کو ہَوَس برگ و بَر کی ہے
شربت نہ دیں، نہ دیں، تو کرے بات لطف سے
یہ شہد ہو تو پھر کسے پروا شکر کی ہے(2)

**وضاحت:** يارسولَ الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! جنت عطا ٿيڻ يا نہ ٿيڻ الله پاڪ جي رضا تي آهي، منهنجي تمنا اها آهي تہ اهڙي جاءِ نصيب ٿي وڃي، جتان اوهان

---

[1]...مرآة المناجيح، جلد:1، صفحه:172 ملتقطاً۔

[2]...حدائقِ بخشش،صفحه:227۔

جو ديدار نصيب ٿيندو رهي. جيڪڏهن اِهو گل نصيب ٿي وڃي ته پوءِ جنت جي گلن ۽ پنن (يعني اتي جي نعمتن) جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ مون کي جنت جو پاڪيزه شراب ملي يا نه ملي، پر هي سعادت ملي وڃي ته اوهان پنهنجي هم ڪلاميءَ جو شرف عطا فرمايو. اوهان جي مني مني، پياري پياري آواز جي ماکي نصيب ٿي وڃي ته پوءِ کنڊ وغيره جي ڪهڙي ضرورت آهي؟

## 100 شهيدن جو ثواب

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي، **محبوبِ ذيشان، مکي مدني سلطان** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم **فرمايو:** منهنجي امت جي بگڙڻ وقت منهنجي سنت کي مضبوطيءَ سان پڪڙڻ واري جي لاءِ شهيد جو ثواب آهي.[1] **هڪ روايت ۾ فرمايائون:** ان جي لاءِ **100** شهيدن جو ثواب آهي.[2]

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: شهيد ته هڪ ڀيرو تلوار جو زخم کائي پار ٿي ويندو آهي، پر هي (يعني امت جي فساد جي وقت سنت اختيار ڪرڻ وارو) الله جو ٻانهو سڄي عمر ماڻهن جا طعنا ۽ زبانن جا گهاوَ برداشت ڪندو رهندو آهي، الله ۽ رسول جي خاطر سڀ ڪجهه برداشت ڪندو رهندو آهي، ان جو جهاد جهادِ اڪبر آهي. جيئن موجوده دور ۾ ڏاڙهي رکڻ ۽ وياج کان بچڻ وغيره.[3]

سینہ تیری سُنّت کا خزینہ بنے آقا

جنّت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## هر هڪ سنت تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو!

محدث ابنِ مبارڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جي روايت آهي، رسولن جي تاجدار، مکي

---

[1] معجم اوسط، من اسمه مُحَمَّد، جلد:4، صفحه:119، حديث:5414۔

[2] مشكاة المصابيح، كتاب الايمان، جز:1، جلد:1، صفحه:55، حديث:176۔

[3] مرآة المناجيح، جلد:1، صفحه:173۔

مدني سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

مَنِ اتَّبَعَ سُنَّتِیْ فَهُوَ مِنِّیْ، وَمَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِیْ فَلَيْسَ مِنِّیْ

**ترجمو:** جنھن منھنجي سنت جي پيروي ڪئي، اھو مون مان آھي ۽ جنھن منھنجي سنت کان بي رغبتي ڪئي، اھو مون مان نہ آھي.[1]

علماءِ ڪرام ھن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: مطلب ھي آھي تہ جيڪو پاڻھو ڪنھن سنت کي برو سمجھي، اھو اسلام کان ئي خارج آھي ۽ جيڪو بنا عذر جي سنت ڇڏڻ جو عادي ھجي، اھو پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پسنديدھ ۽ پرھيزگار ماڻھن مان نہ آھي. (2)

اسان جي معاشري جي ھيءَ بہ ھڪ ڪمزوري آھي تہ اسان وٽ سنتن جي معاملي ۾ تمام گھڻي لاپرواھيءَ جو مظاھرو ڪيو ويندو آھي. سنتن تي عمل ڪرڻ تہ بعد جي ڳالھ آھي، سنتن جي معلومات ئي ڪٿي ھوندي آھي؟ پيارا آقاءِ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھلندا ڪيئن ھئا؟ ويھندا ڪيئن ھئا؟ سندن کاڌو کائڻ جو مبارڪ انداز ڪھڙو ھو؟ آرام فرمائڻ جو انداز ڪھڙو ھو؟ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون پياريون پياريون ادائون ڪھڙيون آھن؟ ان جي معلومات ئي نہ ھوندي آھي. ھا! نئون فيشن ڪھڙو ھلي رھيو آھي، اھا خبر ھوندي آھي؟ اڄڪلھ مارڪيٽ ۾ موبائل جو نئون ماڊل ڪھڙو آيو آھي؟ گاڏيءَ جو نئون ماڊل ڪھڙو آيو آھي؟ جوتن، ڪپڙن وغيره ۾ ٽرينڊ (*Trend*) ڪھڙو ھلي رھيو آھي؟ اھو سڀ ڪجھ معلوم ھوندو آھي، پر افسوس! آمنہ جي لال، رسولِ بي مثال صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن جي معلومات گھٽ ئي ھوندي آھي ۽ جن سنتن جي معلومات ھوندي آھي، انھن تي بہ عمل نہ ٿي سگھندو آھي. مثال طور: ڏاڙھي مبارڪ کي ئي وٺو! ڪھڙو مسلمان آھي جنھن کي خبر نہ آھي تہ ڏاڙھي رکڻ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنت آھي، پر ڪو بہ ڪنھن کان شرمائيندو آھي ڪنھن کي نوڪريءَ جو فڪر

[1] ڪتاب الزھد لابن مبارڪ، صفحہ:320، حديث:1102۔

[2] ...مرآة المناجيح،جلد:1، صفحہ:151 بتغير قليل۔

(*Tension*) ستائيندو آهي، ڪو ڪهڙي سبب ۽ ڪو ڪهڙي سبب سنت اختيار ڪرڻ کان محروم رهجي ويندو آهي. ڪاش! اسان کي سنتن سان محبت نصيب ٿي وڃي.

خدا و مصطفٰے ناراض ہوتے ہیں سنو ان سے | جو داڑھی کو منڈاتے ہیں یا مُٹّھی سے گھٹاتے ہیں (1)

## عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو عشقِ رسول

مسلمانن جي ٽئين خليفي، حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ هڪ ڀيري هڪ جاءِ تي پهچي پاڻي گهرايو ۽ وضو ڪيو، پوءِ اوچتو مسڪرائڻ لڳا ۽ پنهنجن ساٿين کي فرمايائون: ڄاڻو ٿا تہ مان ڇو مُسڪرائي رهيو آهيان؟ پوءِ پاڻ ئي ان سوال جو جواب ڏيندي فرمايائون: مون ڏٺو تہ هڪ ڏينهن سرڪارِ نامدار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم وضو فرمايو هو ۽ وضو ڪرڻ کان پوءِ مُسڪرايو هئائون ۽ صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي فرمايو هئائون: ڄاڻو ٿا تہ مان ڇو مُسڪرايو آهيان؟ پوءِ مڪي مدني مصطفيٰ، احمدِ مجتبيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پاڻ ئي فرمايو: جڏهن ماڻهو وضو ڪندو آهي تہ مُنهُن ڌوئڻ سان مُنهَن جا، هٿ ڌوئڻ سان هٿن جا، مٿي جو مسح ڪرڻ سان مٿي جا ۽ پير ڌوئڻ سان پيرن جا گناهہ ڇڻي ويندا آهن. (2)

وُضو کرکے خَنداں ہوئے شاہِ عثماں | کہا: کیوں تَبَسُّم بھلا کر رہا ہوں؟
جوابِ سُوالِ مخاطب دیا پھر | کسی کی ادا کو ادا کر رہا ہوں

## ڳالهائڻ وقت مسڪرائيندا هئا

حضرت اُمِ درداء رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہَا فرمائن ٿيون تہ حضرت ابو درداء رَضِيَ اللّٰہُ عَنۡہُ جڏهن

---

[1]…وسائل بخشش، صفحہ:291-

[2]…مسندِ امام احمد ، جلد: 1، صفحہ: 190، حديث: 423-

بہ ڳالهائيندا هئا تہ مُسڪرائيندا هئا. مون عرض ڪيو: توهان رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ هن عادت کي ڇڏي ڏيو، نہ تہ ماڻهو اوهان کي بيوقوف سمجهڻ لڳندا، جنهن تي حضرت ابو درداء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمايو: مون جڏهن بہ الله پاڪ جي محبوب صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڳالهائيندي ڏٺو يا ٻڌو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مُسڪرائيندا هئا.[1] (تنهنڪري مان بہ انهيءَ سنت تي عمل ڪرڻ جي نيت سان ائين ڪندو آهيان.)

## سرڪار جي پسند، پنهنجي پسند

حضرت انس بن مالڪ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ هڪ درزيءَ رسولُ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي دعوت ڪئي. (حضرت انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا:) مان بہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان گڏ دعوت ۾ شريڪ ٿي ويس. درزيءَ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي اڳيان ماني، ڪَدُو (لوڪي شريف) ۽ گوشت جو ٻوڙ رکيو. مون ڏٺو تہ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٿانوَ مان ڪدو شريف ڳولي ڳولي کائي رهيا آهن (ان کان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجو عمل بيان ڪندي فرمائن ٿا:) فَلَمْ اَزَلْ اُحِبُّ الدُّبَّاءَ مِنْ يَوْمِئِذٍ **يعني ان ڏينهن کان پوءِ مان ڪدو شريف کي پسند ڪندو آهيان.**

## مصطفيٰ جي ادا سان محبت

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان تہ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم سرڪارِ ذي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ هڪ ادا ۽ هڪ هڪ سنت کي ديوانگيءَ سان اختيار ڪندا هئا. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي مبارڪ زندگين جو هي نرالو ۽ عشق سان ڀرپور انداز آهي. بس ڪين صرف خبر پوڻ جي دير هوندي هئي تہ هي ڪم پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ڪيو آهي، پوءِ اهو ڪم ڪرڻ، اداءِ مصطفيٰ کي اختيار ڪرڻ ڇڻ تہ سندن زندگيءَ جو نصب العين (يعني مقصد) بڻجي ويندو هو. صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُم جي

---

[1] مسند امام احمد، مسند الانصار، باقی حديث ابی درداء، جلد:9، صفحہ:44، حديث:22359۔

سيرت پڙهي ڏسو! اُهي اداءِ مصطفيٰ (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کي اختيار ڪرڻ ۾ اهو نہ سوچيندا هئا تہ اسان ائين ڪنداسين تہ اسان کي ڇا ملندو. سندن عشق پري سوچ اِها هوندي هئي تہ هي ڪم اسان جي محبوب (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) ڪيو آهي، بس اسان کي بہ اِهو ڪرڻو آهي. ڇو ڪرڻو آهي؟ ڪنداسين تہ ڇا ملندو؟ نہ ڪنداسين تہ ڪهڙو نقصان ٿيندو؟ انهن چڪرن ۾ هي بزرگ پوندا ئي نہ هئا

۞ مسلمانن جا پهريان خليفا، عاشق اڪبر، حضرت صديقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: جنهن امر تي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم عمل ڪندا هئا، مان ان کي ڪرڻ کان سواءِ نہ ڇڏيندو آهيان. جيڪڏهن مان پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حالات مان ڪنهن امر کي ڇڏي ڏيان تہ مون کي خوف آهي تہ مان سنت کان مُنهن موڙڻ وارو ٿي ويندس. (1)

اللہ اللہ یہ شوقِ اتباع | کیوں نہ ہو صدیقِ اکبر تھے

۞ مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمايو: جڏهن کان مون سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي اَڻ ڇڻيل اٽي جي ماني کائيندي ڏٺو آهي، ان کان پوءِ ڪڏهن بہ منهنجي لاءِ ڇڻيل اٽي جي ماني نہ ٺاهي وئي آهي. (2) ۞ مسلمانن جي ٽئين خليفي حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ ڏينهن ٻڪريءَ جي دَستِيءَ جو گوشت گهرايو ۽ مسجد جي دروازي تي ويهي کائي ڇڏيائون، پوءِ تازو وضو ڪرڻ کان بغير ئي نماز ادا ڪيائون ۽ فرمايائون: هڪ ڏينهن رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بہ انهيءَ جاءِ تي ويهي ٻڪريءَ جي دَستِيءَ جو گوشت کاڌو هو ۽ پوءِ ائين ئي ڪيو هئائون، تنهنڪري مون بہ سندن اَدا کي اَدا ڪيو. (3)

۞ هڪ ڀيري حضرت عبداللہ بن عمر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا مڪي شريف وڃي رهيا هئا، رستي ۾ هڪ وڻ آيو، پاڻ ڄاڻي واڻي ان جي ٽارين ۾ پنهنجو عمامو شريف

---

[1]…بخاري، ڪتاب : فرض الخمس، باب فرض الخمس، صفحہ: 793، حديث : 3093۔

[2]…طبقات ابن سعد، ذكر طعام رسول اللہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِہٖ وَسَلَّم ...الخ، جلد: 1، صفحہ: 301 ۔

[3]… مسندِ امام احمد ، جلد: 1، صفحہ: 198، حديث: 449۔

اٽڪايائون، پوءِ بيهي ان کي ڇڏيائون ۽ پوءِ اڳتي وڌيا. ماڻهن ان جو سبب پڇيو تہ فرمايائون: هڪ ڀيري رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هتان گذريا هئا تہ هن وڻ جي ٽارين سندن عمامو شريف محبت سان پڪڙي ورتو هو (يعني مبارڪ عمامو ٽاريءَ ۾ اٽڪي پيو هو) ۽ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بيهي پنهنجو عمامو شريف ڇڏايو هو (بس مان بہ انهيءَ ادا کي ادا ڪري رهيو هئس.[1]

اهڙي طرح صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جا هڪ کان هڪ واقعا آهن. اللّٰہ پاڪ صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي صدقي اسان کي بہ سنتون سکڻ ۽ ديوانگيءَ سان سنتن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِیۡن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

| | |
|---|---|
| ہر صحابیٔ نبی! جنّتی! جنّتی! | سب صحابیات بھی! جنّتی! جنّتی! |
| چار یارانِ نبی! جنّتی! جنّتی! | حضرت صدیق بھی! جنّتی! جنّتی! |
| اور عمر فاروق بھی! جنّتی! جنّتی! | عثمان غنی! جنّتی! جنّتی! |
| فاطمہ اور علی! جنّتی! جنّتی! | ہیں حسن حسین بھی! جنّتی! جنّتی! |
| والدین نبی! جنّتی! جنّتی! | ہر زوجۂ نبی! جنّتی! جنّتی! |
| اور ابو سفیان بھی! جنّتی! جنّتی! | ہیں معاویہ بھی! جنّتی! جنّتی! [2] |

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سنت تي عمل جي برڪت سان مغفرت ٿي وئي

امام ذهبي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: جڏهن علامہ هِبَۃُ اللّٰہ طَبَري رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جو انتقال ٿيو تہ حضرت علي بن حسين رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کين خواب ۾ ڏٺو ۽ ڪائنن

---

[1]...نور الايمان بزيارة آثار حبيب الرحمٰن، صفحہ:15۔

[2]...وسائلِ فِردَوس، صفحہ:53۔

پڇيا ڪيائون: الله پاڪ اوهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ انهن جواب ڏنو: الله پاڪ منهنجي مغفرت فرمائي ڇڏي. عرض ڪيائون: ڪهڙي سبب جي ڪري؟ فرمايائون: سنت تي عمل ڪرڻ جي ڪري. (1)

سُبْحٰنَ الله! ڏٺو توهان ته سنت تي عمل ڪرڻ مغفرت جو ذريعو بڻجي ويو. يقيناً ڪامياب ۽ ڪامران اهو آهي، جيڪو فرائض ۽ واجبات جي ادائيگيءَ سان گڏوگڏ رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنتن کي پنهنجو مقصد بڻائي ڇڏي.

تِری سنّتوں پہ چل کر مری روح جب نکل کر
چلے تُو گلے لگانا مدنی مدینے والے
تِرے نام پر ہو قرباں مری جان، جانِ جاناں
ہو نصیب سَر کٹانا مدنی مدینے والے (2)

## امير اهلسنت ۽ اتباعِ رسول

اڄ جي هن فيشن پرست دور ۾ جنهن استقامت، ثابت قدمي، شوق، ذوق ۽ وارفتگيءَ سان اميرِ اهلِسنت سنتن تي عمل ڪري رهيا آهن اڄ جي دور ۾ اهڙو ذوق و شوق گهٽ ئي ڏسڻ ۾ ملندو آهي ۞ زلفون رکڻ سنت آهي، انهن پاڻ زلفون رکيون به آهن ۽ لکين ماڻهن کي رکرايون به آهن ۞ عمامو ٻڌڻ سنت آهي، انهن پاڻ عمامو ٻڌو به آهي ۽ لکن کي ٻڌرايو به آهي. اهڙيءَ طرح ٻيون سنتون ڏسي ونو! ۞ کائڻ جون سنتون ۞ پيئڻ جون سنتون ۞ سمهڻ جون سنتون ۞ سمهڻ کان پوءِ اٿڻ جون سنتون ۞ گهر ۾ اچڻ جون سنتون ۞ سفر تي وڃڻ جون سنتون، مطلب ته مختلف قسمن جي سوين سنتن تي اميرِ اهلسنت نه صرف پاڻ عمل پيرا آهن، بلڪ لکين ماڻهن کي انهن سنتن تي عمل ڪرڻ وارو بڻائي ڇڏيو آهي. سندن پاڪيزه سيرت کي ويجهو کان ڏسڻ سان معلوم ٿيندو ته پاڻ سنتن جي صرف جيئري جاڳندي تصوير ئي نه آهن، بلڪ انهن پاڻ کي سنتِ مصطفيٰ ۾ فنا ڪري

[1]...سير اعلام النبلاء،رقم:3788،ہبۃ الله بن الحسن بن منصور،جلد:13،صفحه:270 ملتقطًا۔

[2]...وسائل بخشش، صفحه:428 بتقدم وتاخر۔

ڇڏيو آهي ۞ جيڪڏهن سنجيدگيءَ سان سروي ڪيو وڃي ته سوين سنتون اهڙيون نظر اينديون، جيڪي اڄ جي دور ۾ وساري ڇڏيون ويون هيون، اميرِ اهلسنت انهن کي ٻيهر زنده ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آهي ۞ ڏندڻ ڏيڻ (يعني مسواڪ ڪرڻ) سنت آهي، اِن سنت کي هن دور ۾ اميرِ اهلِسنت زنده ڪيو آهي. اڄ دنيا ۾ مختلف قسم جا ڏينهن ملهايا ويندا آهن، مختلف تهوار ملهايا ويندا آهن، پر ڪڏهن ڪنهن، سنت جو چرچو ڪرڻ يا سنت کي عام ڪرڻ جي نيت سان **هفتہءِ مسواڪ** ملهايو هجي، شايد تاريخ ۾ اهڙو مثال نه ملندو. اميرِ اهلِسنت اها پهرين شخصيت آهن، جن سنت جي خدمت جي لاءِ **هفتہءِ مسواڪ** به وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو آهي ۞ اهڙي طرح ٻيون به ڪيتريون ئي اهڙيون سنتون آهن، جن جي باري ۾ عوام کي خبر ئي نه هئي ته ھيءَ به سنت آهي، پر اميرِ اهلسنت ته اميرِ اهلسنت آهن، پاڻ انهن سنتن تي سالن کان عمل ڪري رهيا آهن، ان سان گڏوگڏ ٻين کي به انهن تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏياريندا آهن.

جن خوشنصيبن کي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سان گڏ ڪاڏو ڪائڻ جي سعادت ملي آهي، انهن کي معلوم هوندو ته امير اهلسنت ڪاڏو ڪائڻ کان اڳ هڪ سني نيت ڪرائيندا آهن ته اتباعِ سنت جي نيت سان پهريون گرهه ساڄي پاسي (*Right Side*) وارن ڏندن سان چٻاڙيندس.

الله! الله! عوام مان شايد ئي ڪنهن کي معلوم هوندو ته ھيءَ به هڪ سنت آهي، پر قربان وڃجي! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي عشقِ رسول تي ...!! ذرو غور ته فرمايو! ڪاڏو ڪائڻ وقت ويهڻو ڪيئن آهي؟ گرهه ڪيئن ٽوڙڻو آهي؟ ايتري قدر جو ڪاڌي جو پهريون گرهه ڪهڙي پاسي جي ڏندن سان چٻاڙڻو آهي؟ جيڪي اميرِ اهلسنت هن معاملي ۾ به سنت جي پيروي فرمائن ٿا، اهي ٻين عبادتن ۽ رياضتن وغيره جي معاملن ۾ پنهنجي محبوب آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪيتري حد تائين اتباع ڪندا هوندا!

هي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم جي عشق واري مزاج جو اُهو فيضان آهي، جيڪو الله پاڪ اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ کي نصيب فرمايو آهي.

عِطرِ سُنّت بانٹتا ہے اے مرے عطّار تُو | اَہلِ سُنّت کے لیے ہے صاحِبِ شاہکار تُو
ساری دُنیا کے کناروں سے صدا آنے لگی | بن چکا ہے عاشقوں کا قافلہ سالار تُو
تُو جہاں کے عاشقوں کے دِل کی دھڑکن بن گیا | عِطرِ سُنّت بانٹتا ہے اے مرے عطّار تُو (1)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي سنتون سيکارڻ واري تنظيم آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰہ! اميرِ اهلسنت دَامَتۡ بَرَکَاتُھُمُ الۡعَالِیَہ پاڻ بہ سنت سان تمام گهڻي محبت ڪندا آهن ۽ سنتون اختيار ڪندا آهن اهڙي طرح پاڻ سڄي دنيا ۾ سنتن جي ڌوم مچائي آهي. اڄ جي دور ۾ سنت جي اهميت ۽ فضيلت تي ڪتاب تہ تمام گهڻا لکيا ويا هوندا، پر منهنجو گمان آهي تہ اڄ جي دور ۾ سنتن تي جيترو عمل دعوتِ اسلامي ڪرائي رهي آهي، عملي طور (*Practically*) دعوتِ اسلامي جيتريون سنتون سيکاري رهي آهي، شايد ئي ڪو ٻيو فرد يا ڪا ٻي تنظيم سنتِ مصطفيٰ کي عام ڪرڻ ۾ اهڙو ڪردار ادا ڪري رهي هجي. اَلحمدُلِلّٰہ! دعوتِ اسلامي وارا گهر گهر وڃي سنتون سيکاريندا آهن ۞ قافلن ۾ سفر ڪري پاڻ بہ سنتن تي عمل ڪرڻ جي مَشقَ (*Practice*) ڪندا آهن ۽ ٻين کي بہ سيکاريندا آهن ۞ هفتيوار اجتماع ۾ هر خميس تي بيان کان پوءِ سنتون سيکاريون وينديون آهن ۞ پياري آقاءِ مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي هڪ هڪ ادا کي جيئن صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم محفوظ ڪيو هو، اَلحمدُلِلّٰہ! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول ڪتابن مان اداءِ مصطفيٰ جا تذڪرا ڪڍي، عُلماءِ ڪرام ۽

---

[1]...مناقبِ عطار، صفحہ:17۔

اولياءِ ڪرام جي فيضان سان عوام تائين پهچائڻ ۽ عملي طور سنتن ڪي پنهنجين عادتن ۽ طور طريقي جو حصو بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروف آهن.

## 9 غير مسلمن جو اسلام قبول ڪرڻ

حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي ته هڪ ڀيري عاشقانِ رسول جو هڪ قافلو حيدرآباد کان ٽنڊو آدم پهتو. قافلي وارن عاشقانِ رسول **3** ڏينهن تائين مسلسل نيڪيءَ جي دعوت جون خوب ڌومون مچايون. آخري ڏينهن تي هڪ غير مسلم شخص مسجد جي ٻاهران آيو ۽ ان اميرِ قافلا سان ملڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ مسجد مان ٻاهر آيا ۽ مُسڪرائي پُرجوش انداز ۾ ان غير مسلم سان ملاقات ڪئي. اهو غير مسلم چوڻ لڳو: **اسلام نهايت پاڪيزه دين آهي جيڪو امن ۽ سلامتيءَ جو درس ڏئي ٿو،** پر مان مسلمان نه آهيان. جنهن تي اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ ڪيس سمجهايو ۽ اسلام قبول ڪرڻ جي دعوت ڏني. اَلحمدُلِلّٰه! اهو غير مسلم ان ئي وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.

اسلام قبول ڪرڻ کان پوءِ هن نئين مسلمان (*New Muslim*) خواهش ظاهر ڪئي ته منهنجي گهر وارن کي به سمجهايو! اميد آهي ته توهان جي سمجهائڻ سان اهي به مسلمان ٿي ويندا. تنهنڪري سندس خواهش تي قافلي وارا عاشقانِ رسول ان جي گهر هليا ويا، سندس اهلِ خانه (مثلاً والد، چاچن ۽ ڀائرن وغيره) کي سمجهايو ۽ انهن کي اسلام جي دعوت ڏني ته اَلحمدُلِلّٰه! سندن محنت رنگ لاتو ۽ ان گهر جا **9** فرد اسلام جي دامن سان وابسته ٿي ويا.

بعد ۾ اميرِ قافلا اسلامي ڀاءُ مسلمان ٿيڻ واري شخص کان پڇيو: توهان دينِ اسلام جي باري ۾ دل ۾ نرمي رکندا هئا، پوءِ به توهان ايترو عرصو

مسلمان ڇو نہ ٿيا؟ اهو نئون مسلمان (*New Muslim*) اسلامي ڀاءُ چوڻ لڳو: مون اسلام جي باري ۾ جيڪو ڪجهہ ڪتابن ۾ پڙهيو هو، اهو ظاهري طور نظر نہ ايندو هو. جڏهن توهان جو قافلو آيو تہ مون کي ڪتابن واري اسلام جي گهمندڙ ڦرندڙ صورت اوهان ۾ نظر آئي. مون 3 ڏينهن مسلسل اوهان جي معاملن کي تنقيدي نگاهہ سان ڏٺو تہ منهنجي دل مان اِهو ئي آواز آيو تہ هجي نہ هجي هي اسلام جا سچا پيروڪار ۽ باعمل عاشقانِ رسول آهن. اهڙي طرح دل اسلام جي سچي دين هجڻ جي شاهدي ڏني ۽ مان مسلمان ٿي ويس. (1)

| | |
|---|---|
| دل کی کلیاں کِھلیں قافلے میں چلو | رنج و غم بھی مٹیں قافلے میں چلو |
| فضل کی بارشیں ، رحمتیں ، نعمتیں | گر تمہیں چاہئیں قافلے میں چلو |
| دل کا کالک دھولے دردِ عصیاں ٹلے | آؤ سب چل پڑیں قافلے میں چلو( 2 ) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## خطرناڪ ڌاڙيل ڪيئن سُڌريو...؟

حيدرآباد (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي، هُو چوي ٿو تہ: اڳ ۾ مان هڪ خطرناڪ ڌاڙيل هئس، ماڻهن تي منهنجي دهشت طاري هئي، مان بهترين ويڙهاڪ (*Fighter*) هئس ۽ ڪيترائي پوليس مقابلا بہ ڪري چڪو هئس. آخرڪار پوليس مون کي گرفتار ڪري ئي ورتو. جيل ۾ رهندي بہ مان ڏوهہ ڪرڻ جا نوان نوان منصوبا (*Plans*)ناهيندو رهندو هئس. جيل مان آزاد ٿيڻ کان پوءِ شايد مان ٻيهر ڏوهن (*Crimes*) جي راهہ

---

[1]...باڪردار عطّاری، صفحہ:25۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:676 ملتقطاً۔

تي گامزن ٿي وڃان ها، پر منهنجي خوش نصيبي جو مون کي جيل ۾ دعوتِ اسلامي جي شعبي فيضانِ قرآن جي اسلامي ڀائرن جي صحبت نصيب ٿي وئي. مبلغِ دعوتِ اسلامي جي انفرادي ڪوشش جي برڪت سان مون پنهنجن گذريل سمورن گناهن کان توبهه ڪئي ۽ نيڪ بڻجڻ جي نيت ڪئي. جيل ۾ ئي مون کي مدرسه فيضانِ قرآن ۾ مڪمل قرآن پاڪ سکڻ جو موقعو مليو. مون نماز پڙهڻ سکي، ان سان گڏوگڏ **6 ڪلما**، **ايمانِ مفصل**، **ايمانِ مجمل** ۽ **آخري 10 سورتون** به ياد ڪري ورتيون. هاڻي مان هڪ نئين زندگي شروع ڪري چڪو آهيان، جنهن ۾ ڏوهن لاءِ ڪا به جاءِ ناهي. مون کي هي چوڻ ڏيو ته مون جهڙي گنهگار ۽ پاپيءَ کي پوليس جي دردناڪ مار ته سڌاري نه سگهي، پر دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۽ اسلامي ڀائرن جي شفقت منهنجي ستل ضمير کي جاڳائي، منهنجي سڌرڻ جو بندوبست ڪري ڇڏيو.[1]

شہا! ایسا جذبہ پاؤں کہ میں خوب سیکھ جاؤں | تیری سُنّتیں سکھانا مَدَنی مدینے والے (2)

## عشقِ مصطفيٰ ۾ روئندي روئندي سڏڪا پرڻ لڳس

بهاول نگر (پنجاب، پاڪستان) جي هڪ اسلامي ڀاءُ جي بيان جو خلاصو آهي ته: مان حيدرآباد جي هڪ ڪارخاني ۾ ڪم ڪندو هئس، اتي منهنجي ملاقات هڪ اسلامي ڀاءُ سان ٿي. انهن مون کي نيڪيءَ جي دعوت ڏني ۽ گڏوگڏ اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو آڊيو (*Audio*) بيان **حضرت بلال** رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ **جو عشقِ رسول** به تحفي ۾ ڏنو. مون اهو بيان هلايو، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جا عشقِ رسول سان ڀرپور باادب الفاظ منهنجن ڪنن ۾ داخل ٿيا، مان جيئن جيئن بيان ٻڌندو ويس، تيئن تيئن **منهنجي دل ۾ عشقِ مصطفيٰ جي شمع روشن ٿيندي وئي**، **بيان ٻڌڻ دوران مون تي رقت طاري ٿي وئي ۽ عشقِ رسول ۾ روئندي**

---

[1]... 25 کرسچین قیدیوں اور پادری کا قبولِ اسلام،صفحہ:15- 16 بتغیر قلیل ۔

[2]...وسائلِ بخشش ،صفحہ:428۔

**روئندي مان سڏڪا پرڻ لڳس.** اَلْحَمْدُ لِلّٰه! انهيءَ ئي بيان ڪان متاثر ٿي مان بارگاهِ اميرِ اهلسنت ۾ حاضر ٿيس، ساڻن ملاقات بہ ڪئي، عطاري بہ ٿيس، ڏاڙهي شريف بہ رکرائي ۽ مٿي تي عمامي شريف جو تاج بہ سجائي ورتو. (1)

| | |
|---|---|
| گنہگارو آؤ! سِیَہ کارو آؤ! | گُناہوں کو دے گا چھُڑا دینی ماحول |
| پِلا کر مئے عشق دیگا بنا یہ | تمہیں عاشقِ مصطفٰے دینی ماحول (2) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان بہ سنتون سکڻ، سيکارڻ، عملي طور سنتن جو عامل بڻجڻ ۽ ٻين کي ان جي ترغيب ڏيارڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو! ۞ قافلن ۾ سفر ڪريو ۞ هفتيوار اجتماع ۾ پابنديءَ سان شرڪت ڪرڻ جي عادت ٺاهيو! ۞ مدني مذاڪرن ۾ شرڪت ڪندا رهو! اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! سوين سنتون سکڻ نصيب ٿينديون.

## دعوتِ اسلامي جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحمدُلِلّٰه! اڄ جي هن فتنن سان ڀريل دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي سڄي دنيا ۾ نيڪيءَ جي دعوت عام ڪرڻ واري تنظيم آهي.

اَلحمدُلِلّٰه! 2 سيپٽمبر اچڻ وارو آهي. هر سال 2 سيپٽمبر تي **يوم دعوت اسلامي** وڏي ڌام ڌوم سان ملهايو ويندو آهي.

| | |
|---|---|
| یومِ دعوتِ اسلامی کا جشن ہے گھر گھر | مصطفےٰ کے دیوانے، کیوں نہ جھومیں خوش ہو کر |
| ہم کو دعوتِ اسلامی کا ہے دیا ماحول | تیرا شکر ادا کیوں کر ہو خُدائے بحر و بر! |

[1]...فِلمی اداکار کی توبہ (حصہ:3)، 8- 10 ملخصاً.

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:648.

آؤ دعوتِ اسلامی پلائے گی پیاسو! | اُلفت مُحمَّد کے خوب جام بھر بھر کر
جس کو دعوتِ اسلامی خُدا نے دی عطّار | خوش نصیبی ہے اُس کی ہے بڑا وہ بختاور (1)

۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سيپٽمبر 1981ع ۾ **دعوتِ اسلامي** جو آغاز فرمايو ۞ پاڻ هي مدني مقصد اختيار فرمايائون ته **مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي**. پوءِ هن مدني مقصد کي ڪٽي پاڻ نه ڏينهن ڏٺائون نه رات، مسلسل ڪوشش ڪندا رهيا، ڪندا رهيا، ايسيتائين جو الله پاڪ جي ڪرم ۽ سندس پياري حبيب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نظرِ عنايت سان ۽ اولياءِ ڪرام جي فيضان سان دعوتِ اسلامي جو ديني پيغام سڄي دنيا ۾ عام ٿي ويو.

اَلحمدُ لِلّٰه! اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي مسلسل ڪوششن سان ۞ جيڪي بي نمازي هئا، اُهي نمازي بڻجي ويا، بلڪ مسجدن جا امام بڻجي ويا ۞ بدنگاهي ڪرڻ وارا باحيا بڻجي ويا ۞ ماءُ پيءُ کي ستائڻ وارا باادب ٿي ويا ۞ چور ۽ ڌاڙيل آيا، توبهه تائب ٿيا، چوري ۽ ڌاڙا ڇڏي، معاشري جا شريف انسان بڻجي ويا ۞ حسد جي باهه ۾ سڙڻ وارا شڪرگذار ۽ خيرخواهه بڻجي ويا ۞ فلمن ۽ گانن جا شوقين نعتِ مصطفيٰ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ وارا بڻجي ويا ۞ دنيا جي گندي گناهن ڀري عشق جا متوالا، پياري مصطفيٰ، مڪي مدني آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زلفن جا ديوانا بڻجي ويا ۞ مال ۽ دولت جي پويان ڀڄڻ وارا رضاءِ الٰهي جا طلبگار بڻجي ويا ۞ شرابي آيا، توبهه ڪري پاڪيزه انسان بڻجي ويا ۞ غافل آيا، عبادت گذار بڻجي ويا ۞ ڀٽڪيلن کي سڌو رستو ملي ويو ۞ هزارين ڪافرن کي اسلام جي نعمت نصيب ٿي.
اهڙي طرح هڪ هڪ، ٻه ٻه ٿي ايندا ويا، نيڪيءَ جي دعوت جي هن سفر ۾ ساڻن گڏ ٿيندا ويا، قافلو ٺهندو ويو ۽ اَلحمدُلِلّٰه! نيڪيءَ جي دعوت جو هي

---

[1]...وسائل فردوس، صفحہ:42 ملتقطاً۔

ديني پيغام سجي دنيا تائين پهچي ويو.

| | |
|---|---|
| اے امیرِ اہلسنت تیری شوکت زندہ باد | تجھ سے دُنیا بھر میں ہے دِیں کی اشاعت زندہ باد |
| تیری مجلس میں گئے جو بن گئے صالح سعید | نوجواں پر ہو ترا فیضانِ صحبت زندہ باد |
| گوشہ گوشہ دنیا کا ہونے لگا ہے فیض یاب | عام ہر سُو ہو گیا فیضانِ سُنّت زندہ باد (1) |

## دعوتِ اسلامي جا شعبا

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلحَمدُلله! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جو پيغام 190 کان وڌيڪ ملڪن ۾ (DIGITALLY ۽ PHYSICALLY بنهي طريقن سان) پهچي چڪو آهي. دعوتِ اسلامي جي ڪجهه شعبن جو تعارف ملاحظ فرمايو:

پيارا اسلامي ڀائرو! اوهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلحمدُلِلّٰه! ۞ ڪنزُ المدارس بورڊ جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي ۞ تقريباً 24 هزار 200 کان وڌيڪ جامعات ۽ مدارس المدينہ (ٻوائز ۽ گرلز، فل ۽ شارٽ ٽائيم) قائم آهن، جن ۾ تقريباً 5 لک 97 هزار کان وڌيڪ شاگرد ۽ شاگردياڻيون حفظ ۽ ناظره، عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تخصصات(Specialization) ، فرض علوم ۽ ٻيا ڪورس ڪري رهيا آهن. ۞ فيضان آن لائن اڪيڊمي جي ذريعي 90 کان وڌيڪ ملڪن ۾ 70 کان وڌيڪ ڪورس آن لائن ڪرايا پيا وڃن، جن ۾ هزارين طلباء ۽ طالبات ديني تعليم حاصل ڪري رهيا آهن ۞ 24 دارالافتاء اهلِسنت قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ شرعي رهنمائين جو تعداد تقريباً هر مهيني 30 هزار آهي ۞ المدينةُ العلميہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) ذريعي ديني لٽريچر تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي ، جنهن جي تحت هن وقت تائين 22 سؤ کان وڌيڪ ڪتابن ۽ رسالن

---

[1]...مناقب عطار، صفحہ:15-16ملتقطاً.

تي تحقيقي ڪم ٿي چڪو آهي ۞ ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ دعوتِ اسلامي پنهنجو اشاعتي ادارو **مڪتبةُ المدينہ** قائم ڪيو آهي ۞ سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ذوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو مڪمل تنظيمي سيٽ اپ آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوريٰ تائين مڪمل هڪ نظام قائم آهي، شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ۾ ذميدار موجود آهن ۞ عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري انهن کي ديني ڪمن لاءِ ملڪ جي مختلف علائقن ۽ ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪليو ويندو آهي، انهن کي باقاعدي پگهارون ڏنيون وينديون آهن ۽ اُهي فارغُ البال (يعني ڪمائڻ کان بي فڪر) ٿي دين جي خدمت ڪندا آهن ۞ **ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمن تي بہ دين جي خدمت جو سلسلو جاري آهي** ۞ **پرنٽ ميڊيا** ۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏوگڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي، جيڪو هن وقت دنيا جي **7** **وڏين ٻولين** ۾ شايع ٿيڻ وارو ڪثيرالاشاعت ماهوار رسالو آهي ۞ سوشل ميڊيا تي تقريباً **100اڪائونٽس** آهن، جن تي فالورز (*Followers*) جو تعداد **7 ڪروڙ 7 لک** آهي، جڏهن تہ ويُوز جو تعداد بلينز (*Billions*) ۾ آهي ۞ ان کان علاوه مدني چينل اردو، انگريزي، بنگالي، ڪِڊز مدني چينل، بزرگن جو مدني چينل ۽ عربي ويب چينل ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي ۞ آءِ ٽي جي شعبي طرفان هن وقت تائين **55 موبائل ايپليڪيشنس** ۽ ڪيترين ئي **اسلامڪ ويب سائيٽون** لانچ ڪيون ويون آهن ۞ سڄي دنيا جي مسلمانن جي خيرخواهي لاءِ ايف جِي آر ايف (*FGRF*) جو شعبو قائم آهي، جنهن تحت هن وقت تائين ۞ تقريباً **35 لک** وڻ پوکيا ويا آهن، تقريباً **1 ڪروڙ** ماڻهن جي امداد ڪئي وئي آهي، هيلٿ ڪيئر سينٽر مان **1 لک** کان وڌيڪ ماڻهو فائدو حاصل ڪري چڪا آهن، **هزارين** گهر تعمير ڪيا ويا آهن ۽ **87 هزار 4 سؤ 52** رت جون بوتلون عطيو ڪيون ويون آهن.

## دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو!

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان بہ دين جي هن ڪم ۾ دعوتِ اسلامي جو ساٿ ڏيو! انهن ڪمن ۽ دعوتِ اسلامي جي سمورن ديني ۽ فلاحي ڪمن کي جاري ۽ ساري رکڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جا اربين رپين جا خرچا آهن. انهن خرچن کي پورو ڪرڻ لاءِ اِنْ شَآءَ اللهُ الْکَرِیْم! 6 سيپٽمبر 2026ع تي **ٽيليٿون** ٽيڻ وارو آهي. پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو. **توهان جي چندي، يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن جو پورائو ڪري سگهجي.**

دعوتِ اسلامی کی قیّوم، اِک اِک گھر میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فدا ہو بچہ بچہ یاالله! مری جھولی بھر دے (1)

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## اَلْقُرآنُ الْکَرِیم موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجيءَ جو دور آهي. اَلحمدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ذريعي بہ علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. دعوتِ اسلامي جي *I.T* ڊپارٽمينٽ طرفان هڪ موبائل ايپلي ڪيشن القرآنُ الْکَرِیم *Al Quran ul kareem* جي نالي سان جاري ڪئي وئي آهي. هن موبائل ايپليڪيشن ۾ ۞ مڪمل قرآن پاڪ پڙهڻ ۞ ۽ مختلف قارين جي آواز ۾ قرآن پاڪ ٻڌڻ جي سهولت موجود آهي۞ ان سان گڏوگڏ ڪنهن مخصوص سورت يا آيت کي *Bookmark* بہ ڪري سگهجي ٿو يعني بار بار پڙهڻ واري سورت يا آيت

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:123۔

کي *Bookmark* جي مدد سان آسانيءَ سان پڙهي سگهجي ٿو.

اَلحَمْدُ لله! هن وقت تائين تقريباً **10 لک** کان وڌيڪ ماڻهو هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري چڪا آهن. توهان به هيءَ ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو، پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

هر ڇنڇر تي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو **هفتيوار مدني مذاڪرو** فرمائيندا آهن. ايندڙ ڇنڇر تي به عشاء جي نماز کان پوءِ 9 لڳي 30 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي **فرامينِ اميرِ اهلسنت قسط: 1** جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو! ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا، مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ خاطر هي رسالو ٻين سان به شيئر(*Share*) ڪريو!

مكتبةُ المدينه پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ ٻين بزرگانِ دين جي حياتِ طيبه جي جدول يعني (شيڊول) تي مشتمل زبردست ڪتاب **آقا جو جدول**، ۽ عقيدهءِ ختمِ نبوت جي اهميت ۽ ان بابت حڪم ۽ عقيدهءِ ختمِ نبوت جي حوالي سان **40 حديثن** تي مشتمل ڪتاب **سيني کان آخري نبي** شايع ڪيو آهي.

مڪتبةُ المدينه جي ڪنهن به شاخ تان ڪتاب **آقا جو جدول 17 روپين** ۾ ۽ **سيني ڪان آخري نبي 40 روپين** ۾ حاصل ڪريو.

**عاشقانِ رسول لاءِ عظيم علمي ۽ روحاني خوشخبري!**

هر سال جيان هن سال به مڪتبة المدينه، يومِ عقيده تحفظِ ختمِ نبوت ۽ يومِ دعوتِ اسلامي جي موقعي تي يڪم سيپٽمبر **کان** 12 سيپٽمبر 2026ع **تائين تمام ڪتابن** ۽ رسالن تي 16٪ **جي ميگا سيل ڊسڪائونٽ آفر** پيش ڪري رهيو آهي.

هن ڊسڪائونٽ آفر مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي قريبي مڪتبة المدينه سان رابطو ڪريو.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ زندگي گذارڻ جا ڪجهه آداب بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيو آهيان. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِی فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي، ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي، اهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## واعدي جي پابندي ڪرڻ سنت آهي

2 فرامينِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: (1): جيڪو واعدو پورو نه ڪري، ان جو ڪو ايمان نه آهي. (2) (2): جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ سان واعدي خلافي ڪري، ان تي الله پاڪ، فرشتن ۽ سيني انسانن جي لعنت آهي. (3)

---

1...تاريخ مدينه دمشق، جلد:9، صفحه:343۔

2...مصنف اِبْنِ اَبی شيبه، كتاب الايمان، جلد:7صفحه:223۔

3...بخاري، كتاب الجِزْيه، باب اثم من عاهد ثم غدر، صفحه:815، حديث:3179۔

اي عاشقانِ رسول! واعدو پورو ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ، بلڪ سنتِ انبياءِ آهي ۞ اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم واعدي جا تمام گهڻا پابند هئا ۽ ۞ واعدو ٽوڙڻ کي سخت ناپسند فرمائيندا هئا ۞ اعلانِ نبوت کان اڳ هڪ پيري هڪ شخص سندن خدمت ۾ عرض ڪيو: ”توهان ترسو! مان اِجهو واپس ٿو اچان. اُهو شخص هليو ويو، پر ڪانئس واپس اچڻ وسري ويو. 3 ڏينهن کان پوءِ ڪيس ٻيهر ياد آيو. جڏهن هُو ان جاءِ تي پهتو ته هي ڏسي حيران ٿي ويو ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم 3 ڏينهن گذرڻ باوجود اتي ئي تشريف فرما آهن ۽ ماشَآءَ الله! شفقت، رحمت ۽ حسنِ اخلاق ڏسو! جو پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي دڙڪا وغيره نه ڏنا ۽ نه ئي جلال فرمايو، بس ايترو فرمايائون: **اي شخص! تون مون کي مشقت ۾ وجهي ڇڏيو.** [1]

الله پاڪ اسان کي بہ سنتِ سرڪار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي عمل ڪندي واعدا پورو ڪرڻ وارو بڻائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينہ جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو **91** صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ بہ آهي.

سنتیں سیکھنے تین دن کے لیے | ہر مہینے چلیں، قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...اَبُو داؤد، ڪتاب ادب، باب فی العدة، صفحه:781، حديث:4996۔